هفتيوار رسالو

# فيضانِ سيّده فاطمةُ الزّهرا رضي الله عنها

(سنڌي)



- انساني شڪل ۾ حُور
- محبّت سان ڀرپور منظر
- دُعا قبول ٿيندي آهي
- 10 ٻيبين جي ڪهاڻي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضانِ سيّده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا

## دُرُود شريف جي فضيلت

**هڪ** ڀيري ڪنهن فقير ڪافرن ڪان ڪجهه گهريو. انهن مذاق جي طور تي امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڏانهن موڪلي ڇڏيو جيڪي سامهون وينا هئا. ان (يعني فقير) حاضر ٿي ڪري (ڪجهه گهرڻ لاءِ) هٿ وڌايو. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهي ان جي هٿن جي ترِيءَ تي دم ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون، مٺ بند ڪري ڇڏيو ۽ جن ماڻهن موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي کوليو. (ڪافرکِلي رهيا هئا ته خالي ڦوڪ هڻڻ سان ڇا ٿيندو!) پر جڏهن فقير انهن جي سامهون وڃي مٺ کولي ته اها **سون جي دينارن** سان ڀريل هئي! هيءَ **ڪرامت** ڏسي ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا.

(راحت القلوب ،ص142)

وِرد جس نے کیا دُرود شریف　　اور دل سے پڑھا دُرود شریف

حاجتیں سب رَوا ہوئیں اُس کی　　ہے عَجَب کیمیا دُرود شریف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت جو عظيم جذبو

شهزاديِ ڪَونين، والدهءِ حَسنَين سيّده، طيّبہ طاهِره، عابِده، زاهِده، حضرتِ بي بي فاطمةُ الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جا پيارا پيارا بابا جان، حَسَنين ڪريمين جا پيارا پيارا نانا جان، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا آقا و مولا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ دفعو حضرتِ بي بي فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي گهر تشريف وٺي آيا تہ انهن دروازي تي سندن استقبال ڪيو ۽ پوءِ سندن ڪي ڏسي روئڻ لڳيون. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم روئڻ جو سبب پڇيو تہ عرض ڪيو: مان اوهان جو رنگ بدليل ۽ تڪليف ۾ ڏسي رهي آهيان. رحمتِ ڪونين، ناناءِ حَسنين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي فاطمه! الله پاڪ اوهان جي والد کي هڪ اهڙي ڪم لاءِ موڪليو آهي جيڪو روءِ زمين تي ڪو شهري ۽ ڳوٺاڻو گهر نہ بچندو پر الله پاڪ تنهنجي والد جي ذريعي هي ڪم (يعني دينِ اسلام) عزت سان پهچائي ڇڏيندو، هي دين اُتي پهچي ڪري رهندو جيستائين رات جي پهچ آهي.

( معجم ڪبير، 225/22، حديث: 595)

ظلم، کُفّار کے ہنس کے سہتے رہے　　پھر بھی ہر آن حق بات کہتے رہے
کتنی محنت سے کی تم نے تبلیغِ دیں　　تم پہ ہر دم کروڑوں دُرُودوسلام

(وسائلِ بخشش،ص603، 604)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت! اسان جي پياري آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم وڏي مشقت سان اسلام جو پيغام عام ڪيو. هن واقعي ۾ شهزاديِ ڪونين حضرت بي بي

فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي محبتِ رسول ۾ روئڻ جو بيان بہ موجود آهي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہا الله پاڪ جي پياري آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاڏلي ۽ سڀ کان ننڍي شهزادي آهن. سندن ڀين ٽن ڀينرن جا مبارڪ نالا هي آهن: حضرت بي بي زينب، حضرت بي بي رقيہ ۽ حضرت بي بي اُمّ ڪلثوم رَضِیَ اللہُ عَنْہُنّ.

## ولادت شريف

حضرت بي بي فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو نالو مبارڪ "**فاطمہ**" آهي. امام عبدُالرّحمٰن ابنِ جوزي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ: اعلانِ نبوت کان 5 سال پهريان حضرت بي بي فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي ولادت شريف ٿي. (شرح الزرقانی علی المواہب ، 331/4)

جڏهن حضرت بي بي فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي ولادت مبارڪ ٿي تہ سندن مبارڪ چهري جي نور سان سڄي فضا روشن ٿي وئي.

(الروض الفائق، ص 274، ملخصاً)

صحابيِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: منهنجي والده فرمايو: كَانَتْ كَالْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ يعني حضرت بي بي فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا چوڏهين جي رات جي چنڊ وانگر حسين ۽ جميل هيون.

(مستدرک للحاکم،149/4، حدیث:4813)

## نالي مبارڪ جي مُناسبت ۽ چند مشهور لقب

اي عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت! **فاطِمہ** لفظ "**فَطِمَ**" مان ٺهيو آهي، جنهن جو مطلب آهي: "**پري ٿيڻ**". الله پاڪ **شهزاديِ ڪونين حضرت**

**بي بي فاطمہ** رَضِیَ اللہُ عَنْہا**، سندن اولاد ۽ سندن محبت ڪندڙن کي دوزخ جي باھ کان پري رکيو آهي** ان ڪري پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو نالو "**فاطمہ**" ٿيو.

سندن ڪيترائي لقب آھن. ”بتول“ جي معنيٰ آهي: منقطع ٿيڻ، ڪٽجي وڃڻ، چو تہ پاڻ دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کان الڳ هيون، ڪڏهن بہ دنيا ۾ دل نہ لڳائي، تنهنڪري بتول لقب ٿيو. ”زهراء“ جو مطلب آهي مکڙي، چو تہ پاڻ جنت جي مکڙي هيون، سندن مبارڪ جسم مان جنت جي خوشبو ايندي هئي، جنهن کي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سُنگهندا هئا، ان ڪري سندن لقب ”زهراء“ٿيو. (مراٰة المناجيح، 8/452، 453 ملخصاً)

بتُول و فاطمہ، زَہرا لقَب اِس واسطے پایا
کہ دُنیا میں رہیں اور دیں پتہ جنّت کی نُکہت کا (دیوانِ سالک ، ص33)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

## فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي عقيدت

مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ ڀيري حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا وٽ ويو تہ فرمايو: اي فاطمہ! الله جو قسم! مون رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي اوهان کان وڌيڪ محبوب (يعني پسنديده) نہ ڏٺو ۽ خدا جو قسم! اوهان جي والد محترم کان بعد ماڻهن مان ڪو بہ مون کي اوهان کان وڌيڪ عزيز ۽ پيارو ناهي. (مستدرک للحاکم، 139/4، حديث:4789)

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهل بيت! حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھا جي شان ۽ عظمت تي كيترين ئي مبارڪ حديثون موجود آهن، برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ چند پيش ڪجن ٿيون:

## ”فاطمہ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان 5 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

### ﴿1﴾ سيّده سان محبت رکڻ وارا جهنم کان آزاد آهن

”اِنَّمَا سُمِّيَتْ فَاطِمَةُ لِاَنَّ اللهَ فَطَمَهَا وَمُحِبِّيْهَا عَنِ النَّارِ“ ترجمو: هن (يعني منهنجي نياڻي) جو نالو فاطمہ انهيءَ لاءِ رکيو ويو جو اللّٰه پاڪ هن کي ۽ هن سان محبت ڪرڻ وارن کي دوزخ کان آزاد ڪيو آهي. (كنز العمال،50/12، حديث:34222)

### (2) انساني شڪل ۾ حور

”منهنجي نياڻي فاطمہ انساني شڪل ۾ حورن وانگر حيض ۽ نفاس کان پاڪ آهي.“ (كنز العمال 50/12، حديث: 34221)

### (3) جيڪو انهن کي پسند، اهو مونکي پسند

”فاطمہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھا) منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي، جيڪو ان کي ناپسند اهو مون کي ناپسند، جيڪو ان کي پسند اهو مون کي پسند، قيامت جي ڏينهن سواءِ منهنجي نسب، منهنجي سبب ۽ منهنجي ازدواجي رشتي جي، باقي سڀ نسب ختم ٿي ويندا.

(مستدرک للحاكم، 144/4، حديث:4801)

## (4) حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنۡہا جي رضاءِ ناراضگي

اوهان جي (يعني حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہا جي) غضب سان الله پاڪ جو غضب ٿيندو آهي ۽ اوهان جي رضا سان الله پاڪ جي رضا ملندي آهي.“ (مستدرک للحاکم، 137/4، حديث: 4783)

## (5) جنتي عورتن جي سردار

فاطمہ (رَضِیَ اللہُ عَنۡہا) منهنجي جسم جو ٽڪرو آهي جنهن هن کي ناراض ڪيو ان مون کي ناراض ڪيو. ۽ هڪ روايت ۾ آهي، انهن جي پريشاني منهنجي پريشاني آهي ۽ انهن جي تڪليف منهنجي تڪليف آهي. (مشكاة المصابيح ،436/2،حديث: 6139)

سیّدَہ، زاہِرہ، طیّبہ، طاہِرہ  جانِ احمد کی راحت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش 309)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

## خوش آمديد منهنجي نياڻي!

ناناءِ حسنين صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي شهزادي حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنۡہا سان بيحد محبت فرمائيندا هئا. جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہا تشريف کڻي ايندي هيون تہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سندن ”مَرۡحَباً بِاِبۡنَتِیۡ يعني خوش آمديد منهنجي نياڻي!“چئي استقبال فرمائيندا هئا ۽ پاڻ سان گڏ ويهاريندا هئا. (بخاري، 507/2، حديث: 3623)

## شانِ حضرت بي بي فاطمہ بزبانِ حضرت بي بي عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنْھُما

سيني مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشہ صِدّيقه، طيّبہ، طاهره رَضِیَ اللہُ عَنْھَا فرمائن ٿيون: مون چال چلت، شڪل و صورت ۽ گفتگو ۾ بي بي فاطمہ کان وڌيڪ ڪنهن کي حضورِ اڪرم(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان مشابہ نہ ڏٺو ۽ جڏهن حضرتِ فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿينديون هيون تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي استقبال لاءِ اٿي بيهندا هئا، انهن جو هٿ وٺي چمندا هئا ۽ پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا هئا ۽ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي بي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا وٽ ايندا هئا تہ اها (بہ) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم خاطر بيهي رهنديون هيون ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ هٿ وٺي چمنديون هيون ۽ پاڻ وٽ ويهارينديون هيون. (ابو داؤد، 454/4، حديث: 5217)

حضرتِ بي بي عائشہ صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْھا فرمائن ٿيون تہ مون حضرتِ فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا کان وڌيڪ سچو سندن والد کان علاوه ڪنهن بئي کي نہ ڏٺو. (مسند ابی یعلی ، 192/4، حديث: 4681)

رسولُ اللہ کی جیتی جاگتی تصویر کو دیکھا　　کیا نظارہ جن آنکھوں نے تفسیرِ نُبوّت کا

(ديوانِ سالک، ص33)

ڪاش! حضرتِ فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا سان محبت ۽ عقيدت جو دم ڀرڻ وارا ۽ واريون بہ سنتن کي اپنائن ۽ پنهنجو اُٿڻ ويهڻ، سمهڻ،

جاڳڻ سنت جي مطابق ڪري ڇڏين. اي ڪاش! اسان سڀ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير بڻجي وڃون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت بي بي فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي عبادت

نواسہءِ مصطفيٰ، جگر گوشہءِ مرتضيٰ، لعلِ فاطمہ حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون پنهنجي والدہءِ محترمہ حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي ڏٺو تہ رات جو مسجدِ بيت(يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ جي مخصوص جاءِ) جي محراب ۾ نماز پڙهنديون رهنديون هيون ايستائين جو نمازِ فجر جو وقت ٿي ويندو هو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا مسلمان مردن ۽ عورتن لاءِ تمام گهڻيون دعائون فرمائينديون هيون. (مدارج النبوت مترجم، 543/2)

## جمعي جي ڏينهن عصر کان بعد دعا

حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جمعي جي ڏينهن عصر کان پوءِ پاڻ حجري ۾ ويهنديون هيون ۽ پنهنجي خادمہ فضّہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي ٻاهر ويهارينديون هيون، جڏهن سج لهڻ لڳندو هو تہ خادمہ کين خبر ڏينديون هيون. ان جي خبر تي سيده پنهنجا هٿ دعا جي لاءِ کڻنديون هيون. (مراۃ المناجيح،320/2)

## دعا قبول ٿيندي آهي

حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جو جيڪڏهن ڪو مسلمان ان کي ماڻي ڪري ان وقت الله پاڪ کان ڪجهه گهري ته الله پاڪ ان کي ضرور ڏيندو ۽ اها گهڙي مختصر آهي. (مسلم ص330،حديث: 1973)

## صاحبِ بهارِشريعت جوارشاد

حضرت علام مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دعا جي قبوليت جي گهڙين جي باري ۾ ٻه قول مضبوط آهن: (1) امام جي خطبي جي لاءِ ويهڻ کان نماز جي ختم ٿيڻ تائين (2) جمعي جي پوئين (يعني آخري) گهڙي. (بہارِ شریعت 754/1، حصہ:4)

## ڪونين جي شهزادي رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي شادي مبارڪ

خاتونِ جنت حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو مبارڪ نڪاح 2 هجري صفر يا رجب شريف يا رمضان المبارڪ ۾ ٿيو.

(اتحاف السائل للمناوی، ص33 )

## مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي گهر تحفي ۾ ڏئي ڇڏيو.

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو گهر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر مبارڪ کان پري هو، ان ڪري صحابيِ رسول حضرت حارثه بن نعمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مڪانِ عاليشان جي ويجهو پنهنجو هڪ گهر حضرت علي ۽ فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا لاءِ پيش ڪيو. (طبقات لابن سعد 19/8 ملخصاً)

جڏهن حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شاديءَ جو وقت آيو تہ سيني مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ ۽ حضرت بيبي امّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما واديِ بطحا مان مٽي گهرائي انهن جي عاليشان گهر جي فرش کي ليپو ڏنو پوءِ پنهنجي هٿن سان کجيءَ جي ڇالَ صحيح کري بہ گدا تيار کيا. انهن جي کائڻ لاءِ کجور ۽ کشمش رکي ۽ انهن جي پيئڻ لاءِ ٿڌي پاڻيءَ جو بندوبست کيو، پوءِ گهر جي هڪ کنڊ ۾ ڪاٺ جو سُتون (ٿنڀ) بيهاري ڇڏيو تہ جيئن ان تي مشڪيزو ۽ ڪپڙا وغيره ٽنگي سگهجن، پوءِ فرمايائون: اسان فاطمہ جي شادي کان وڌيڪ بهتر ڪا شادي نہ ڏٺي.

(ابن ماجہ، 444/2، حديث: 1911 ملخصاً)

## ڏاج مبارڪ

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن پنهنجي پياري ۽ لاڏلي شهزادي حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو نڪاح ڪيو تہ ڪن روايتن موجب سندس مبارڪ ڏاج ۾ هڪ چادر، ڪجيءَ جي ڪاٻر سان ڀريل هڪ وهاڻو، هڪ پيالو، بہ مٽڪا ۽ اٽو پيهڻ لاءِ بہ چڪيون هيون. (مسند امام احمد،223/1،حديث: 819۔ معجم ڪبير، 137/24، حديث: 365)

## سيّده رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي مبارڪ گهريلو زندگي

مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ: گهر جا ڪم ڪار (مثال طور چڪي هلائڻ، ڦريو ڏيڻ ۽ ڪاڌي پچائڻ جا ڪم وغيره) حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا ڪنديون هيون ۽ ٻاهر جا ڪم

(جهڙوڪ بازار مان سودو آڻڻ، اُنن کي پاڻي پيارڻ وغيره) مان ڪندو هئس. (مصنف ابن ابی شیبہ، 157/8، حديث: 14)

حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْھا مون وٽ پنهنجي هٿ سان چَڪّي هلائيندي هيون، جنهن جي ڪري سندن هٿن تي نشان پئجي ويندا هئا ۽ پاڻ پاڻيءَ جي ڪلِي پري اينديون هيون ۽ گهر ۾ ٻهارو وغيره پاڻ ئي ڏينديون هيون. (ابوداؤد،410/4، حديث:5063)

الله پاڪ جي عطا سان ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي ٿي ڪري حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا وڏي سادگيءَ سان زندگي گذاري ڏيکاري. سندن وٽ هڪ ئي بسترو هو ۽ اهو بہ گهيٽي جو هڪ چمڙو، جنهن کي رات جو وڇائي آرام ڪيو ويندو هو ۽ صبح جو انهيءَ چمڙي تي گاهہ وجهي اُٺ لاءِ چاري جو بندوبست ڪيو ويندو هو ۽ گهر ۾ ڪو بہ نوڪر نہ هو. (طبقاتِ لابن سعد، 18/8)

## سَس ۽ نُنهن

شهزادي ڪونين حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا پنهنجي سَسُ (يعني مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي والده حضرت فاطمہ بنتِ اسد رَضِیَ اللہُ عَنْھا) جي عملي طور خدمت ڪري اڄڪلهہ جي نُنهن کي سَسُ سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ جو خوبصورت مثال عطا فرمايو آهي مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سندن ٻين خوبين سان گڏ هن (يعني سَسُ سان حسنِ سلوڪ) جا بہ مُعترف(يعني مڃيندا) هئا جيئن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

پنهنجي والدهءِ محترمه کي فرمايو: ”فاطمه زهرا اوهان کي گهر جي ڪمن کان بي پرواهه ڪري ڇڏيندي.“ ( الاصابة، 269/8 ملخصاً)

اي عاشقانِ صحابه ۽ اهلِ بيت! شهزاديِ ڪونين حضرت بي بي فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا جي زندگي خاص ڪري اسان جي اسلامي ڀينرن لاءِ پيروي ڪرڻ جي لائق آهي. جيڪڏهن حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا جي نقشِ قدم تي هلندي اسان جون اسلامي ڀينرون سادگي اپنائينديون ته گهٽ آمدني ۾ به گهر هلي سگهي ٿو جيئن ته اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري شهزادي حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا ڪري ڏيکاريو آهي. ائين جيڪڏهن نُنهن سَسُ سان پنهنجي والده جيان پلائي ڪندي، الله پاڪ جي رضا خاطر ڏک سک ۾ هٿ ونڊرائيندي ته گهر ۾ امن قائم ٿي سگهي ٿو بلڪ”نُنهن“ ساهرن ۾ ”شهزادي“ بڻجي رهندي. جيڪڏهن حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا جي نقشِ قدم تي هلندي اسان جون اسلامي ڀينرون شريعت ۽ سنت جي مطابق، سنتن ڀري، نيڪين ڀري، عبادت ۽ رياضت واري زندگي گذارين ۽ پنهنجي ٻارن کي به ان جي مطابق هلڻ جي ترغيب ڏيارينديون رهن ته اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم انهن جي هنج ۾ پلجڻ واري اولاد به اهلِ بيت سان سچي محبت ڪرڻ واري ۽ حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھما جي غلام بڻجندي. اي ڪاش! اسان کي حقيقي معنٰي ۾ حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا جي نقشِ قدم تي هلڻ نصيب ٿي وڃي. ڪنهن ڇا ته خوب چيو آهي:

چُو زَہرا باش اَز مخلوق رُو پوش | کہ دَرآغوش شبّیر ے بہ بینی

يعني حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جيان پرهيزگار ۽ پرديدار ٻڌجو ته جيئن پنهنجي هنج ۾ حضرتِ شبّير، امامِ حُسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جهڙي اولاد ڏسو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان شادي جي موقعي تي ڪنوارڪي ڏني ويندڙ مڪتوب جو ڪجھ حصو

الله پاڪ اوهان ڪي ٻنهي جهانن ۾ شاد و آباد رکي، اوهان جي خوشين کي وڌائي، الله پاڪ اوهان کي مديني شريف جي سدا بهار گلن وانگر هميشه مسڪرائيندو رکي، اوهان جون بيماريون، پريشانيون، گهريلو رنجشون، تنگدستيون، قرض دور ٿين، شادي شده زندگي خوشگوار گذري، صالح اولاد نصيب ٿئي، بار بار حج جي سعادت نصيب ٿئي ۽ منو مدينو ڏسڻ نصيب ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

هي پنج مَدَني گُلَ پنهنجي دل جي مَدَني گلدستي تي سجايو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم گهر ۾ امن رهندو: (1) سَسُ ۽ نڻاڻ سان ڪنهن صورت ۾ بہ نہ بگاڙيو، انهن جي چڱيءَ طرح خدمت ڪنديون رهو. جيڪڏهن اهي طعنا ڏين تہ خاموش رهو. (2) جيڪڏهن سَسُ اوهان کي چڙٻون ڏي تہ اوهان پنهنجي ماءُ جو تصور ڪيو تہ اها چڙٻي رهي آهي تہ صبر آسان ٿي ويندو. ان شآءالله الڪريم (3) سَسُ جي ڪاوڙ ڪرڻ تي جيڪڏهن

جواب ۾ اوهان  بہ ڪاوڙ ڏيکاري تہ پوءِ ”نباهڻ“ مشڪل ٿي ويندو.
(4) ساهرن جي ”بدسلوڪي“ جي فرياد پنهنجي مائٽن ۾ ڪرڻ تباهي ڪي دعوت  ڏيڻ آهي.  تنهنڪري صبر سان گڏ ان اصول تي بہ قائم رهو تہ هڪ چپ (100) ڪي هارائي، جواب ۾ فقط خير جي دعا ڪيو.
(5) عام طور اڄڪلهہ ساهرن جي طرفان ننهن تي ”جادو ڪري ٿي، پنهنجي مڙس کي قابو ڪري ورتو آهي“ وغيره وغيره الزام لڳايا ويندا آهن. الله نہ ڪري جيڪڏهن اوهان سان اهڙو معاملو ٿي وڃي تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي لال ٿيڻ بدران حڪمت عملي ۽ نهايت نرمي سان ڪم وٺو. پنهنجو ڪمرو ڏينهن ۾ بند نہ رکو، گهر جي ٻين ماڻهن جي موجودگي ۾ پنهنجي مڙس جي ”ڪَن“ ۾ سرگوشي نہ ڪيو. مڙس جي موجودگيءَ ۾ بہ چانهہ وغيره پنهنجي سَسُ يا ننڻان سان گڏ ويهي ڪري ئي پيو. انهن جي سامهون منهن خراب نہ ڪيو، غصو ڪيڻ لاءِ ٿانوَن کي زور سان نہ چنڊيو. ٻارن کي اهڙيءَ طرح دڙڪا نہ ڏيو جو انهن کي وسوسو اچي تہ اسان کي چڙبي ٿي. ڌوئڻ ۽ پچائڻ جي ڪم ۾ تيزي ڏيکاريو، مطلب تہ نجاست کي نجاست سان (يعني الزام کي هنگامي سان) پاڪ ڪرڻ بدران (حڪمت ۽ حسنِ اخلاق جي) پاڻي ئي سان پاڪ ڪري سگهجي ٿو. ائين اوهان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم پنهنجي ساهرن جي پياري ٿي ويندئون ۽ زندگي بہ خوشگوار ٿي ويندي. ساهرن جي حق ۾ دعا ڪنديون رهو جو دعا سان وڏا وڏا مسئلا حل ٿي ويندا آهن. نماز روزي جي پابندي ڪنديون رهو، شرعي پردي جو اهتمام ڪنديون رهو. ياد رکو! ڏير ڪان بہ پردو آهي. پنهنجي گهر ۾”فيضانِ

سنت“ جو درس جاري رکو. خاموشيءَ جي عادت وجهو ڇو تہ گهٽي ڳالهائڻ سان جهيڙي جو انديشو وڌي ويندو آهي. فيشن ڪرڻ جي بدران سنتن جو رستو اختيار ڪيو جو انهيءَ ئي ۾ بهتري آهي. مون گنهگار کي مديني پاڪ ۾ بقيع جي غم جي دعا ڪيو ۽ مغفرت جي دعا سان بہ نوازينديون رهو. جيڪڏهن اوهان کي منهنجو هي مڪتوب پسند اچي تہ ان کي پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرايو ۽ الله نہ ڪري ڪڏهن گهريلو جهيڙو ٿئي تہ هن کي پڙهي ونو. وَالسَّلامُ مَعَ الْاِكْرَام،

(سنّتِ نکاح، ص 58 بتغير)

مدنی بیٹی کا خدایا گھر سَدا آباد رکھ فاطمہ زَہرا کا صدقہ دوجہاں میں شاد رکھ

(وسائلِ بخشش،ص680)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پاڪ اولاد

حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا ٽي شهزادا: (1) حضرت امام حَسن مُجْتَبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ (2) حضرت امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ (3) حضرت مُحَسِّن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ ٽي شهزاديون: (1) حضرت سيده بي بي زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا، (2) حضرت بي بي رقيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ (3) حضرت بي بي امّ ڪُلثوم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هيون. (شانِ خاتونِ جنت، ص 256تا263 ملخصاً)

حضرت مُحَسِّن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ شهزادي حضرت بي بي رقَيّہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا تہ ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا ها انڪري تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ انهن جو تذڪرو گهٽ ملي ٿو.

## شهزاديءِ ڪونين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي گهر ۾ آمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صحابيِ رسول حضرت عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما کان روايت آهي تہ: حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن سفر جو ارادو ڪندا هئا تہ سڀ کان آخر ۾ حضرت بي بي فاطمہ زهرا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا سان ملاقات ڪندا هئا ۽ جڏهن سفر کان واپس موٽندا هئا تہ سڀ کان پهريان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا سان ملاقات ڪندا هئا. (مستدرک للحاکم، 141/4، حديث:4792)

## بي بي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي لاءِ رحمت جي دعا

جڏهن حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز لاءِ تشريف وٺي ايندا هئا ۽ رستي ۾ حضرت سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي گهر وٽان لنگهندا هئا ۽ گهر مان چڪّي جي هلڻ جو آواز ٻڌندا هئا تہ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪندا هئا: يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِین! فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا کي رياضت ۽ قناعت جو چڱو اجر عطا فرماءِ ۽ ان کي فَقُر جي حالت ۾ بہ ثابت قدم رهڻ جي توفيق عطا فرماءِ. (سفينۂ نوح، حصّہ دُوُم، ص35)

## محبت ڀريو منظر ۽ محبت ڀريو جواب

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ دفعي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان کي اها (حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا) مون کان وڌيڪ پياري آهي يا مان؟ تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نهايت خوبصورت جواب ارشاد فرمايو: ”اها مون کي اوهان کان وڌيڪ ۽ اوهان ان کان وڌيڪ پيارا آهيو. (مسند حميدی، 22/1، حديث: 38)

## حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي سچائي

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا ۽ تمام اُمّهات المؤمنين (يعني رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جون پاڪ زالون جيڪي سيني مسلمانن جون مائرون آهن) هڪ ٻئي سان محبت ڪنديون هيون جيئن تہ هڪ واقعو آهي: حضرت جُمَيع بن عُمَير تَيمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا مان پنهنجي پڦي سان گڏ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ انهن کي عرض ڪئي وئي: حضور اڪرم صَلَّى اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪير ڪير وڌيڪ محبوب هو؟ فرمايائون: فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا، پوءِ عرض ڪئي وئي: مَردن مان؟ فرمايائون! انهن جو مڙس، جيتري قدر مون کي خبر آهي اهي تمام گهڻا روزا رکڻ وارا ۽ گهڻو قيام ڪرڻ وارا آهن. (ترمذی، 468/5، حديث:3900)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سچا عاشقِ اهلبيت ۽ عاشقِ صحابہ هئا. پاڻ پنهنجي ڪيترين ئي تصنيفن ۾ حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي شان ۽ عظمت بيان ڪئي آهي بلڪ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جون منقبتون بہ لکيون آهي. شايد انهن برڪتن جو نتيجو هو جو حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي ۽ حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي وصال جي تاريخ هڪ ئي (يعني 3 رمضان المبارڪ) آهي. حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ترمذي شريف جي بيان ڪيل حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا تہ: هيءُ آهي حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو حق بيان ڪرڻ جو سندن هي نہ فرمايو تہ رسول الله

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڀ کان وڌيڪ پياري”مان“ هئس ۽ مون کان بعد منهنجا والد بلڪ جيڪو سندن علم ۾ حق هو اهو صاف صاف چئي ڇڏيو جيڪڏهن اهو ئي سوال حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها سان ٿئي ها ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها فرمائن ها ته حضورِاڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي وڌيڪ پياري حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها هيون پوءِ انهن جا والد. معلوم ٿيو ته سندن دليون پاڪ ۽ صاف هيون. افسوس انهن تي آهي جيڪي هنن حضرات کي هڪبئي جا دشمن سڏين ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته محبت جا ڪيترائي قسم آهن ۽ محبوبيت جا به مختلف قسم آهن، اولاد ۾ سڀ کان وڌيڪ حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها آهن، پائرن ۾ سڀ کان وڌيڪ پيارا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ آهن ۽ پاڪ گهروارين ۾ سڀ کان وڌيڪ پياريون حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها آهن. (مرأة المناجيح، 469/8)

اُس مبارک ماں پہ صدقہ کیوں نہ ہوں سب اہلِ دیں
جو ہو اُمُّ المؤمنین بنتِ امیر المومنین
کیا مبارک نام ہے اور کیسا پیارا ہے لقب
عائشہ محبوبۂ محبوبِ رب العالمین

(دیوانِ سالک،ص 83)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها سان محبت جو حڪم

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڏينهن حضرت بي بي فاطمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡها کي فرمايو: اي منهنجي ڌيءَ! ڇا تون ان سان محبت نه

ڪنديۀ جنهن سان مان محبت ڪيان ٿو؟ ڪين جواب طور عرض ڪيو: ڇو نہ؟ پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: تون هن (يعني حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) سان محبت ڪر.

(مسلم ، ص1017 ، حديث6290)

آیۂ تطہیر میں ہے ان کی پاکی کا بیاں　　ہیں یہ بی بی طاہرہ شوہر امامُ الطاہریں

## تسبيح فاطمہ

خاتونِ جنت حضرت بي بي فاطمۃُ الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مبارڪ هٿن تي چڪي (تي اٽو پيهڻ) جي سبب نشان پئجي ويندا هئا جيڪي درد جو سبب بڻجندا هئا. هڪ دفعو پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا خادم وٺڻ جي لاءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيون پر نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملاقات نہ ٿي سگهي، البت حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان ملاقات ٿي وئي ۽ انهن کي پنهنجو مقصد ٻڌايو، جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر تشريف ڪٺي آيا تہ حضرت بي بي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا حضرت بي بي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي اچڻ جي خبر ڏني. حضور نبيِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي جگر جي ٽڪري(يعني فاطمۃ الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ) وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ ارشاد فرمايائون: ڇا مان توهان کي اهڙي عمل جي باري ۾ نہ ٻڌايان جيڪو تنهنجي سوال کان بهتر هجي! جڏهن تون سمهڻ لاءِ ليٽين تہ 33 ڀيرا سُبْحٰنَ الله، 33 ڀيرا اَلْحَمْدُ لِلّٰه ۽ 34 ڀيرا اَللّٰهُ اَكْبَر پڙهي وٺنديون ڪيو، هي تنهنجي لاءِ خادم کان بهتر آهي.

(بخاری،536/2،حديث: 3705 مفہوماً)

حضرت علامہ بدرُالدّين محمود عَيْني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يا تہ اللّٰہ پاڪ ان تسبيح پڙهڻ واري کي اهڙي طاقت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي جنهن کان بعد ان جي لاءِ مشڪل ڪم آسان ٿي ويندا آهن ۽ ان کي خادم جي ضرورت ناهي رهندي يا وري ان تسبيح جو اخروي ثواب دنيا ۾ خادم جي خدمت جي فائدي کان وڌيڪ بهتر آهي.

(عمد ة القاری،374/14،تحت الحديث:5361ملخصاً)

مسلمانن جا چوٿان خليفا، حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ان کان بعد مون هي وظيفو ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو.

(سنن الکبرى للنسائي، 204/6، حديث: 10652)

هي ”تسبيحِ فاطمه“ چورائيندي آهي ۽ سلسلي عاليہ قادريہ ۾ ان تي عمل ڪرڻ جي خاص ترغيب ڏياري ويندي آهي، اسان کي بہ پنهنجي زندگي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ اوراد ۽ وظائف جو معمول بڻائڻ گهرجي ڇو تہ هي روحاني ۽ جسماني طور تي تمام گهڻا فائدي وارا هوندا آهن.

## پردي جي علامت

سيده خاتونِ جنت، شهزاديِ ڪَونين حضرت فاطمة الزهراء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي پردي جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي بلڪ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اهڙي عظمت ۽ شان واريون آهن جو سندن مبارڪ ذات، سندن مبارڪ نالو حيا ۽ پردي جي علامت بڻجي چڪو آهي. وڏا وڏا عالمَ ۽ مشائخ سڳورا (كَثَّرَهُمُ الله يعني اللّٰہ پاڪ انهن جي تعداد ۾ اضافو فرمائي) جڏهن پردي جي باري ۾ دعا گهرندا آهن تہ هيئن عرض ڪندا آهن: "يا اللّٰہ پاڪ!

اسان جي نُنهن ڏيئرن کي ”سيّده زهراء“ جي پردي جو صدقو نصيب فرماءِ.

## عورت جي لاءِ ڀلائي

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خادم حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعو نبيِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو ته ”عورتن جي لاءِ ڪهڙي شيءِ ۾ ڀلائي آهي؟“ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان فرمائن ٿا: "اسان کي خبر نه هئي ته اسان ڇا جواب ڏيون؟" حضرت عليّ المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ حضرت فاطمه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ تشريف کڻي ويا ۽ انهن کي ان سوال جي باري ۾ ٻڌايو، ته انهن فرمايو: ”اوهان رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو ڇو نه عرض ڪيو ته عورتن لاءِ ڀلائي ان ۾ آهي ته اهي (غير محرم) مردن کي نه ڏسن ۽ نه ئي (غير محرم) مرد انهن کي ڏسن." ته حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي اها ڳالهه ٻڌائي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ”اها ڳالهه توهان کي ڪنهن ٻڌائي؟“ عرض ڪيائين: "فاطمه." ته سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "فاطمه منهنجي جگر جو ٽڪرو آهي".

(حلية الاولياء، 50/2، رقم: 1444ـموسوعة لابن ابی الدنيا، 97/8، حديث: 412)

## جنازي تي پردي جو اهتمام

مسلمانن جا چوٿان خليفا، حضرت مولا علي مشڪل ڪشا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ”حضرت فاطمة الزهراء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا وفات جي وقت وصيت ڪئي هئي ته جڏهن مان دنيا مان رخصت ٿي وڃان ته مون کي رات

جو دفن ڪيو وڃي تہ جيئن ڪنهن غير مرد جي نظر منهنجي جنازي تي نہ پوي.“ (مدارج النبوة،461/2)

سيدهءِ ڪائنات، خاتونِ جنت حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنۡہا کي اها فڪر هئي تہ زندگي ۾ تہ غير مردن کان پاڻ کي بچائي رکيو آهي متان هاڻي وفات کان بعد منهنجي ميت تي ماڻهن جي نظر پئجي وڃي! هڪ موقعي تي حضرت بي بي اسماء بنت عُمَيس رَضِیَ اللہُ عَنۡہا عرض ڪيو: مون حبشہ ۾ ڏٺو آهي تہ جنازي تي وڻ جون ٽاريون ٻڌي هڪ ڏولي جهڙي صورت ناهي ان تي پردو وجهي ڇڏيندا آهن. پوءِ انهن ڪجيءَ جون ٽاريون گهرائي انهن کي جوڙيو، پوءِ ان تي ڪپڙو وجهي سيده خاتونِ جنت رَضِیَ اللہُ عَنۡہا کي ڏيکاريو، جنهن تي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہا تمام گهڻيون خوش ٿيون. (جذب القلوب، ص159 ملخصاً)

## اسلام ۾ پهرين خاتون

حضرت علامہ ابنِ عبدُالبَر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: اسلام ۾ سيّده، طيّبَہ، طاهره حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنۡہا ”پهرين خاتون“ آهن جن جي ميت مبارڪ کي اهڙي طرح لڪائڻ جو اهتمام ڪيو ويو هو. (سير اعلام النبلاء، 431/3)

حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: خيال رهي تہ (قيامت جي ڏينهن) ازواج پاڪ ۽ فاطمه زهرا (رَضِیَ اللہُ عَنۡہا) پردي (جي حالت) ۾ اٿنديون جو اهي خاص اولياء

الله ۾ شامل آهن. (مرأة المناجيح، 369/7، ملتقطاً) امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي ڀينرن کي سمجهائيندي لکن ٿا:

اے مری بہنو! سَدا پَردہ کرو تم گلی کُوچوں میں مَت پھِرتی رہو
اپنے دیوَر جیٹھ سے پَردہ کرو ان سے ہرگز بے تکلُّف مَت بنو
(وسائلِ بخشش،ص714)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## غمِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

خاتونِ جنّت حضرت بي بي فاطمة الزهراء (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا) نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت ڪنديون هيون تنهنڪري نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال شريف جو کين ڏاڍو صدمو پهتو، جنهن جو اظهار پاڻ هن طرح ڪنديون هيون:(حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال شريف تي) جيڪو صدمو مون کي پهتو آهي، جيڪڏهن اهو صدمو ”ڏينهَن“ تي اچي ها ته اهي "راتيون" ٿي وڃي ها. (مرقاة المفاتيح،305/10، تحت الحديث:5961)

## وصال شريف ۽ غسل شريف:

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال شريف کان 6 مهينا بعد 3 رمضان المبارڪ 11 هجري اڱاري جي رات سيِّده، طيّبه، طاهره حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جو 28 سالن جي عمر ۾ وصال شريف ٿيو. حضرت بي بي فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَاکي غسل ڏيڻ ۾ مسلمانن جي پهرين خليفي

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي زوجهءِ محترمہ حضرت بيبي اسماء بنتِ عُمَيس رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ شامل هيون ۽ انهن کي غسل ڏيڻ جي وصيت پاڻ سيّده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڪئي هئي. (سنن ڪبريٰ للبيهقي، 56/4، حديث:6930)

## نمازِ جنازهءِ تدفين:

حضرت سيّده خاتونِ جنت بي بي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو جنازو ڪنهن پڙهايو، ان باري ۾ روايتون مختلف آهن، هڪ روايت جي مطابق حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ هڪ روايت جي مطابق حضرتِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پڙهايو، جڏهن تہ ڪيترين ئي روايتن ۾ آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو جنازو حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پڙهايو.

(سنن ڪبرىٰ للبيهقى،4/ 46، حديث: 6896)

## مزارِ بي بي فاطمة الزهراء رضی اللہ عنہا جي باري ۾ بہ روايتون:

امامِ اهلِ سنّت اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا: حضرت فاطمة الزهراء رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي مزار شريف جي باري ۾ بہ روايتون آهن: (1) بقيع شريف ۾ (2) خاص روضهءِ اقدس (پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار شريف سان گڏ).

هڪ عاشقِ رسول مديني پاڪ جي هڪ عالم صاحب کي عرض ڪيو: مان ٻنهي جڳهن تي حاضر ٿي سلام عرض ڪندو آهيان "نور جون تجليون" ماڻيندو آهيان. انهن فرمايو: اهي ڪريم ذاتون جڳهن جون پابند ناهن، اوهان جي توجهہ هجڻ گهرجي پوءِ نور جي برسات ڪرڻ انهن جو ڪم آهي. (فتاوىٰ رضويہ، 432/26)

## پُل صِراط تي اعلان:

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن قيامت جو ڏينهن هوندو تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: اي اهلِ مجمع! پنهنجون نگاهون جهڪائي ونو! تہ جيئن حضرت فاطمہ بنتِ محمدِ مصطفي (رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) پل صراط تان گذري وڃن. (جامع صغير، 945/1، حديث: 228)

ڪن روايتن جي مطابق قيامت جي ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڏاچي جنهن جو نالو "عَضْبَاء" آهي، حضرت بي بي فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ميدانِ محشر ۾ ان تي سوار ٿي تشريف آڻيندي. الله پاڪ جي حضرت بي بي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. (سبل الهدیٰ والرشاد، 63/11)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 10 بيبين جي ڪهاڻي

اميرِ اهلِ سنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: "10 بيبين جون ڪهاڻيون، شهزادي جو سر ۽ جنابِ سيده جي ڪهاڻي" اهي سڀ من گهڙت آهن، انهن جي ڪا شرعي حيثيت ناهي، انهن جو پڙهڻ ۽ انهن جي مَنّت مڃڻ ناجائز آهي. جيڪڏهن ڪجهہ پڙهڻو آهي تہ يٰسٓ شريف پڙهي وڃي ان ۾ بہ ايترو ئي وقت لڳندو جيڪو انهن ڪهاڻين ۾ لڳندو آهي بلڪ ان کان بہ گهٽ وقت لڳندو، پوءِ ان


جون برڪتون بہ آهن ۽ فضيلتون بہ. حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ هڪ دفعو يٰسٓ شريف پڙهڻ تي 10 قرآنِ پاڪ جو ثواب ملندو آهي.

(ترمذي، 4/ 406، حديث: 2896)

معلومات جي گهٽتائي جي ڪري انهن ڪهاڻين جو رواج پئجي ويو آهي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 272/3)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net